# امام بخاري جو
# ذوقِ نماز

20 March 2026



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

**20 مارچ 2026ع (بمطابق: 30 رمضان ڪريم 1447ھ)**

**تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# امام بخاري جو ذوقِ نماز

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ ....

- **نيڪ ماڻهن جي هڪ دعا**
- **امام بخاري جي مزارِ پاڪ جي برڪت**
- **امام بخاري جو ذوقِ نماز**
- **اطمينان سان نماز پڙهڻ جي فضيلت**

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَارَسُوۡلَ اللّٰه وَعَلٰی آلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَاحَبِیۡبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَانَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی آلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَانُوۡرَ اللّٰه

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف (ترجمو: مون سنت اعتكاف جي نيت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: كُلُّ كَلَامٍ لَا يُذْكَرُ اللهُ تَعَالٰى فِيْهِ فَيُبْدَاُ بِهٖ وَبِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَهُوَ اَقْطَعُ مَمْحُوْقٌ مِّنْ كُلِّ بَرَكَةٍ

**ترجمو:** هر اُها ڳالهه جيڪا الله پاڪ جي ذڪر ۽ مون تي درود پاڪ پڙهڻ کان سواءِ شروع ڪئي وئي اُها هر برڪت کان محروم ۽ خالي آهي.(1)

| | |
|---|---|
| مرے حُضور کے صدقے کلامِ پاک میں بھی | خُدا نے بھیجی ہے آیت، درودِ پاک پڑھو |
| دیا ہے حکم خُدا نے یہ اپنے بندوں کو | پڑھو نبی پہ بہ کثرت درودِ پاک پڑھو |
| سب اولیاء و مشائخ تمام غوث و قطب | یہ کر گئے ہیں نصیحت درودِ پاک پڑھو |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…القول البديع،الصلاة عليه عند افتتاح الكلام، صفحه:244۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# الوداع! الوداع! ماهِ رمضان...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهہ ئي ڏينهن پهريان جي ڳالهہ آهي، عاشقانِ رمضان انتظار ۾ هئا تہ رمضان شريف اچڻ وارو آهي ۞ تياريون ٿي رهيون هيون ۞ پنهنجو وقت نيڪين ۾ گذارڻ وارا خوش نصيب رمضان جا عاشق پنهنجو جدول (*Schedule*) ٺاهي رهيا هئا تہ رمضان شريف ڪيئن گذارڻو آهي؟ ان جي لاءِ اڳوات ئي هدف مقرر ڪيا پئي ويا ۞ عاشقانِ رمضان جون دليون بيتاب

---

1… بخارى، كِتَاب بَدءُ الْوَحى، صفحہ:65، حديث:1۔

هيون ۞ پوءِ الله پاڪ جي ڪرم سان، سندس فضل سان هڪ ڏينهن آيو ۞ روح کي مهڪائڻ وارو هڪ آواز ڪنن ۾ پيو: مبارڪ هجي...!! **رمضان شريف** جو چند نظر اچي ويو آهي ۞ اِهو اعلان ٻڌندي ئي دليون خوشيءَ وِچان جهومڻ لڳيون ۞ مسجدن ۾ بهار اچي وئي ۞ تلاوت جا شوقين قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول ٿي ويا ۞ سحري ۽ افطار جون رونقون لڳڻ لڳيون ۞ ڏسندي ئي ڏسندي عشرهٔ رحمت پنهنجيون برڪتون لٽائيندو تشريف کڻي ويو ۞ پوءِ عشرهٔ مغفرت شروع ٿيو ۞ خوشنصيب ٻانهن کي ربِ رحمٰن ۽ رحيم جي درٻار مان بخشش جي خيرات ملي ۞ رمضان شريف جي قدر دانن عشرهٔ مغفرت جون برڪتون حاصل ڪيون ۞ پوءِ جلد ئي عشرهٔ مغفرت بہ رخصت ٿي ويو ۞ ان سان گڏ ئي جهنم کان آزاديءَ جو عشرو اچي ويو ۞ اعتڪاف ڪرڻ وارا ٽولن جا ٽولا ٿي مسجدن ڏانهن وڃڻ لڳا ۞ اعتڪاف جون رونقون لڳي ويون ۞ هاءِ! هاڻي **رمضان ڪريم** جدائيءَ جو غم ڏئي رخصت ٿي رهيو آهي.

دیکھ کر چاند میں رَو پڑا تھا
جلد رخصت کا وقت آ گیا ہے
اشک آنکھوں سے اب بہ رہے ہیں
وہ دلِ غمزدہ جانتا ہے

سامنے ہِجر کا غم کھڑا تھا
ہائے تڑپا کے رَمضاں چلا ہے
ہِجر کا غم جو ہم سہ رہے ہیں
ہائے تڑپا کے رَمضاں چلا ہے

کر کے تقسیم بخشش کی اَسناد
سب کو روتا ہوا چھوڑتا ہے
آہ! رنجیدہ دِل کر کے تُو شاد
ہائے تڑپا کے رَمضاں چلا ہے [1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# نيڪ ماڻهن جي هڪ دعا

سيپارو **3**، سورة آل عمران، آيت نمبر **8** ۾ آهي تہ عقلمند ۽ نيڪ ماڻهو هن طرح دعا ڪندا آهن:

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَیْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝۸

(پارو: 3، سورة آلِ عمران: 8)

ترجموڪنزالعرفان: اي اسان جا رب تو اسان کي هدايت عطا ڪئي آهي، هن ڪان بعد اسان جي دلين کي ٽيڙو نہ ڪر ۽ اسان کي پاڻ وٽان رحمت عطا فرماءِ، بيشڪ تون وڏو عطا فرمائڻ وارو آهين.

الحمدلله! رمضان شريف ۾ دليون هدايت حاصل ڪنديون آهن ۞ نمازين جو تعداد وڌي ويندو آهي ۞ تلاوت ڪرڻ وارن جي تعداد ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ۞ تراويحون ۞ اعتڪاف ۞ صدقو ۞ خيرات ۞ مسلمانن جي خيرخواهي وغيره ۽ ڪيترين ئي طرح طرح جي نيڪين ۾ نسبتاً اضافو ٿي ويندو

---

1…وسائلِ بخشش، صفحہ:683 ملتقطًا۔

آهي، يقيناً اِها هدايت ئي آهي، هاڻي اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريون ۽ وقت بوقت دل سان هي دعائون ڪندا رهون تہ يا الله پاڪ! رمضان ڪريم ۾ هدايت جو نور نصيب ٿيو، نيڪين جو جذبو وڌيو، نمازن جي توفيق ملي، اي اسان جا پيارا الله پاڪ! اسان تي ڪرم فرماءِ، جيڪي خطائون ٿيون، ڄاڻائي يا اڻڄاڻائي ۾ جيڪي گناهہ ٿيا اُهي معاف فرماءِ ۽ رمضان ڪريم ۾ جيڪو عبادتن جو شوق وڌيو، ان ۾ وڌيڪ ترقي ۽ استقامت نصيب فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعائون ڪندا رهنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪرم ٿي ويندو ۽ نيڪين تي استقامت بہ ملي ويندي.

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی!
گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت
ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی! (1)

# امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! پهرين شوال تي يعني عيد الفطر جي ڏينهن محدثن جي امام، امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عرس ٿيندو آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا ولي الله، تمام وڏا عالمِ دين ۽ خاص طور تي علمِ حديث جا تمام وڏا امام آهن. حديث پاڪ جو سڀ کان معتبر ۽ مشهور مجموعو بخاري شريف سندن ئي جمع ڪيل آهي، امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه 13 شوال شريف 194

1…وسائلِ بخشش، صفحہ:102۔

هجري ۾ بخارا ۾ پيدا ٿيا. [1] ۽ 62 سالن جي عمر ۾ پهرين شوال جي رات 256 هجري ۾ هن فاني دنيا کان رخصت ٿيا. [2] سندن مزار پرانوار سمرقند جي ويجهو **خَرتَنک** نالي هڪ علائقي ۾ آهي. [3]

امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سڄي زندگي علمِ حديث جي خوب خدمت ڪئي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وڏا عبادت گذار، زاهد ۽ متقي هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وفات کان پوءِ ڪافي عرصي تائين سندن قبر شريف مان مشڪ کان به وڌيڪ سٺي خوشبو ايندي رهندي هئي، ماڻهو تبرڪ طور (يعني برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ) سندن مزار مبارڪ جي مٽي پاڻ سان گڏ کڻي ويندا هئا. [4]

## امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار پاڪ جي برڪت

اُزبڪستان جو هڪ تمام پراڻو ۽ تاريخي شهر آهي: سمرقند. تقريباً هڪ هزار سال پهريان جي ڳالهه آهي، سمرقند ۾ سخت ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي، برساتون بند ٿي ويون، فصل سُڪي ويا ۽ کاڌ خوراڪ جي کوٽ ٿي وئي، تنهنڪري ماڻهن کي سخت پريشانيءَ جو منهن ڏيڻو پيو. ماڻهن ڪيئي ڀيرا **نمازِ استسقاء** (يعني الله پاڪ کان برسات گهرڻ جي لاءِ خاص نماز) به پڙهي، دعائون به گهريون پر برسات نه وَسڻي هئي نه وَسِي.

---

1…ہدایۃُ السّارِی، فصل فی ذکر نسبہ ومولدہ وصفتہ، صفحہ:49۔

2…ہدایۃُ السّارِی، صفحہ:179۔

3…ہدایۃُ السّارِی، صفحہ:177۔

4…ہدایۃُ السّارِی، صفحہ:178۔

پريشانيءَ جي انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن هڪ نيڪ شخص شهر جي قاضي صاحب وٽ آيو ۽ چيائين: قاضي صاحب! جيڪڏهن اوهان ٻڌڻ پسند ڪريو تہ منهنجي هڪ راءِ آهي. قاضي صاحب فرمايو: ها! ضرور ارشاد فرمايو...!! (ان نيڪ شخص چيو: قاضي صاحب! سمرقند جي ويجهو ئي اللہ پاڪ جي نيڪ ۽ برگزيده ٻانهي حضرت امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار مبارڪ آهي)، اوهان ۽ اوهان سان گڏ شهر جا ماڻهو امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار مبارڪ تي تشريف وٺي هلو ۽ اتي هلي اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ برسات جي لاءِ دعا ڪريو. اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ اميد آهي تہ اللہ پاڪ پنهنجي اُن نيڪ ٻانهي جو وسيلو قبول فرمائيندو ۽ انهن جي صدقي رحمت جي برسات وسائيندو.

شهر جو قاضي صاحب بہ الحمدﷲ! عاشقِ رسول ۽ عاشقِ اولياء هو، ان نيڪ شخص جي خوبصورت صلاح ٻڌي خوشيءَ وچان چيائون: نِعْمَ مَارَاَيْتَ توهان جي راءِ ڪيڏي نہ سٺي آهي...! يعني قاضي صاحب شهر وارن کي ساڻ ڪري امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿيڻ ۽ ان جي وسيلي سان برسات جي لاءِ دعا ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار مبارڪ سمرقند کان ڪجهہ ئي ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي، تنهنڪري قاضي صاحب اهلِ سمرقند سان گڏجي قافلي جي صورت ۾ امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مزار پرانوار تي حاضر ٿيا، روئي روئي اللہ پاڪ جي درٻار ۾ دعائون ڪيائون، توبهہ ۽ استغفار ڪيائون ۽ اللہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو وسيلو پيش

ڪيائون.

سُبْحٰنَ اللہ! امام بخاري رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہ جي بارگاھہ الاھيءَ ۾ اھا تہ مقبوليت ھئي جو اجا اھلِ سمرقند دعائن ۾ مصروف ئي ھئا تہ گھاٽا ڪَڪَر چانئجي ويا ۽ مسلسل 7 ڏينھن تائين برسات وَسَندي رھي، ايتريقدر جو اھلِ سمرقند کي 7 ڏينھن تائين اتي ئي **خرتنڪ** نالي علائقي ۾ ترسڻو پيو، انھن مان ڪو بہ برسات جي شدت سبب پنھنجي گھر ڏانھن نہ وڃي سگھيو.[1]

ہو چکے ہوں گے جہاں میں جس قدر بھی اولیا
اُن پہ، ہر اِک اُن کے خدمت گار پر لاکھوں سلام[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# وَسيلو ڳوليو

اي عاشقان رسول! ھن واقعي مان معلوم ٿيو تہ ۞ اولياءِ ڪرام جي مزارن تي حاضري ڏيڻ ۞ سندن قرب ۾ وڃي، انھن جي وسيلي سان اللہ پاڪ جي بارگاھہ ۾ دعائون گھرڻ، التجائون ڪرڻ ۞ پنھنجين مصيبتن ۽ پريشانين کي حل ڪرڻ لاءِ مزارن تي حاضر ٿيڻ ۞ ۽ پنھنجون مرادون حاصل ڪرڻ وغيره اِھو ڪو نئون طريقو نہ آھي اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! ھي قديم مسلمانن جو معمول آھي. اسان کي بہ گھرجي تہ نيڪ ماڻھن جي مزارن تي حاضري بہ ڏيندا

---

1…ہدایۃُ السّارِی، صفحہ:181۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:602۔

رهون ۽ انهن جي وسيلي سان دعائون بہ گهرندا رهون، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اللّٰہ پاڪ جي رحمت ضرور نصيب ٿيندي. اللّٰہ پاڪ قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابْتَغُوْۤا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ (پارو: 6، سورة مائدة: 35) | ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! اللّٰہ کان ڊڄو ۽ ان جي طرف وسيلو ڳوليو. |

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن آيت جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هن مان معلوم ٿيو تہ زنده بزرگن سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سفر ڪرڻ، وفات يافتہ بزرگن جي مزارن تي سفر ڪري حاضري ڏيڻ، اتي وڃي انهن جي وسيلي سان اللّٰہ پاڪ کان دعا گهرڻ، اِهو سڀ ڪجهہ تمام سٺو آهي. انهن سڀني سفرن جو ماخذ (يعني دليل) هيءَ ئي آيت آهي ڇو تہ اِهي سڀئي طريقا بہ وسيلو ڳولڻ ئي آهن.(1)

| | |
|---|---|
| سیہ کاروں کی کیا گنتی کہ درگاہِ الٰہی میں | وسیلہ ڈھونڈتے ہیں حضرتِ موسیٰ محمّد کا |
| بلا وَصلِ نبی، وَصلِ الٰہی غیر ممکن ہے | خدا کے گھر پہنچنے کو ہے دروازہ محمّد کا (2) |

## امام بخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي قرآن سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان امام بخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سيرت پاڪ پڙهنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي (1): قرآن

---

1…تفسیر نعیمی، پارہ:6، سورۂ مائدہ، زیرِ آیت:35،جلد:6، صفحہ:397ملتقطًا۔
2…قبالۂ بخشش، صفحہ:51و 53 ملتقطاً۔

سان بہ بي پناھ محبت ھئي ۽ **(2):** نماز سان بہ تمام گھڻو لڳاء رکندا ھئا. سندن معمول ھو تہ رمضان شريف ۾ ھڪ قرآن پاڪ نماز تراويح ۾ مڪمل فرمائيندا ھئا، پوءِ نماز تھجد ۾ ھر **3** ڏينھن ۾ ھڪ قرآن پاڪ مڪمل ڪندا ھئا ۽ سحري کان افطار تائين روزانو ھڪ قرآن پاڪ مڪمل تلاوت ڪندا ھئا، اھڙي نموني جيڪڏھن رمضان شريف **30** ڏينھن جو ٿيندو ھو تہ امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ھڪ مهيني ۾ **41** دفعا قرآن پاڪ مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا ھئا.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! غور تہ فرمايو! تلاوت قرآن سان ڪيڏي نہ محبت آھي. ھڪ مهيني ۾ **41** دفعا قرآن پاڪ مڪمل فرمائيندا ھئا. اسان کي بہ تلاوت جو شوق وڌائڻ گھرجي. نيت ڪريو تہ! روزانو ڪجھ نہ ڪجھ تلاوت لازمي ڪنداسين وڌيڪ نہ تہ گھٽ ۾ گھٽ **3** آيتن جي ئي تلاوت ڪريو! ان سان گڏ ترجمو ۽ تفسير بہ پڙھي وٺو! اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## ڪتاب لکڻ جو نرالو انداز

پيارا اسلامي ڀائرو! امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي نماز سان بہ تمام گھڻي محبت ھئي، فرائض ۽ واجبات تہ پاڻ پڙھندا ئي ھئا، ان سان گڏوگڏ نوافل جي بہ خوب ڪثرت فرمائيندا ھئا. امام بخاري

1…ہدایۃُ السّارِی، صفحہ: 72 مفصلاً۔

رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ انداز تمام پيارو آهي، سندن عادت هئي تہ نماز کي پنهنجي ڪم جو حصو بڻائي ڇڏيندا هئا. مثال طور امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هڪ ڪتاب آهي: **تاريخ ڪبير**. جن حديث پاڪ کي روايت ڪيو آهي، هِن ڪتاب ۾ امام بخاري انهن جا احوال وغيره لکيا آهن. هي ڪتاب امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه رِيَاضُ الْجَنَّة جي ويجهو ويهي لکيو آهي.[(1)]

سُبْحٰنَ الله! اهڙي طرح سندن سڀ کان مشهور جيڪو ڪتاب آهي: **بخاري شريف**- ان مبارڪ ڪتاب کي لکڻ جو انداز تہ انتهائي ادب وارو ۽ عشق و محبت سان پرپور هو. امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **بخاري شريف** 16 سالن ۾ مڪمل ڪيو.[(2)] هِن ۾ تقريباً 7500 احاديث ڪريمہ آهن. لکڻ جو انداز امام بخاري هي اختيار ڪيو هو تہ هر حديث پاڪ لکڻ کان پهريان تازو غسل فرمائيندا هئا پوءِ 2 رڪعتون نفل پڙهندا هئا ۽ ان کان پوءِ حديث شريف لکندا هئا.[(3)]

الله! الله...!! امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو عشقِ رسول ڏسو! حديث پاڪ آهي، ٻنهي جهانن جي سلطان جي زبان پاڪ مان ادا ٿيڻ وارا مقدس، مبارڪ، منور الفاظ آهن، تنهنڪري امام بخاريءَ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهن کي لکڻ لاءِ عشق جون سڀ تقاضائون پوريون ڪيون، هر

1⋯سير اعلام النبلا، رقم:2136، ابو عبد اللہ البخارى...الخ، جلد:10، صفحہ:284۔
2⋯سير اعلام النبلا، رقم:2136،ابو عبد اللہ البخارى...الخ، جلد:10، صفحہ:284۔
3⋯سير اعلام النبلا، رقم:2136، ابو عبد اللہ البخارى...الخ، جلد:10، صفحہ:282و 283۔

حديث پاڪ لکڻ کان پهريان تازو غسل ڪيائون، 2 رڪعتون نفل پڙهي دل کي غسل ڏنائون، پاڪ صاف ٿي حديث پاڪ لکيائون.

جِے دُھْوَاں مُنْه عِطْرُ گُلَابُوں دَمْ دَمْ وَارْ هَزَارَاں
هُوْوَاں نَاهْ اَجِے نَامُ لِيَوَنْ دِےْ لَائِق شَاهِ اَبْرَارَاں

**وضاحت:** يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مان پنهنجي وات کي هزار ڀيرا مشڪ ۽ گلاب سان ڌوئي به وٺان پوءِ به توهان جو پاڪ نالو وٺڻ جي قابل نه ٿي سگهندس.

## نيڪين کي ڪمن جو حصو بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! امام بخاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي هن پياري انداز ۾ عشقِ رسول جي جيڪا جهلڪ آهي، اها ته آهي ئي، ان سان گڏوگڏ اسان کي هي به سبق ملي ٿو ته نيڪين کي خاص طور تي نماز کي پنهنجن ڪمن جو حصو بڻائڻ گهرجي. ڏسو! اسان گهر کان آفيس يا دڪان تي ويندا آهيون، ان دوران اسان ڪيترائي ڪم ڪندا آهيون، مثال طور ۞ گاڏي جي چابي کڻڻ ۞ گاڏي ڪڍڻ ۞ صاف صفائي ڪرڻ ۞ تيل چيڪ ڪرڻ ۞ دڪان تي پهچڻ ۞ تالو کولڻ ۞ سامان ڏسڻ ۞ وِڪريل شيون سميٽڻ وغيره وغيره. اهڙي طرح غور ڪندا وڃو! اسان جي هڪ هڪ ڪم ۾ ڪيترائي ڪم هوندا آهن ۽ اسان هٿو هٿ اهي سڀ ڪم ڪري رهيا هوندا آهيون. جيڪڏهن اسان ڪجهه نيڪين کي به انهن ڪمن جو حصو بڻائي ڇڏيون، ته جيئن اهي ڪم ٿيندا رهن ٿا، ائين ئي نيڪيون پڻ ٿينديون رهنديون. مثال طور ۞ پڪي نيت ڪري وٺو! ته دڪان تي پهچندي ئي سڀ کان پهريان 2 رڪعتون

نفل پڙهندس. هاڻي دڪان کولڻ لاءِ جيئن تالو کولڻ هڪ ڪم آهي، تيئن ئي **2** رڪعتون نفل پڙهڻ بہ هڪ ڪم ٿي ويو. بس ان کي پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو! ۞ هر ڀيري خانو کولڻ کان پهريان هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهندس ۞ هر ڀيري گاڏي تي ويهڻ سان ئي بِسمِ الله پڙهندس، **5** ڀيرا درود پاڪ پڙهندس ۞ هر ڀيري گهر ۾ داخل ٿيندي ئي سورة اخلاص پڙهندس. اسان جيڪي روزمره (*Routine*) جا ڪم ڪندا آهيون، نيڪين کي خاص طور تي ڪجهہ نہ ڪجهہ نفلن کي انهن ڪمن سان جوڙي ڇڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! نيڪيون ڪرڻ ۾ آساني بہ ٿيندي، استقامت بہ ملندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ نيڪين جي برڪت سان ڪم بہ ٺيڪ شروع ٿي ويندا.

# امام بخاري جو ذوقِ نماز

هڪ ڀيري امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪنهن دعوت ۾ شريڪ ٿيا، دعوت دوران ڪين ڪجهہ وقت مليو تہ پاڻ نفل پڙهڻ شروع ڪيائون! وڏي خشوع و خضوع سان پاڻ نماز پڙهيائون، سلام ڦيرائڻ کان پوءِ ڪنهن کي فرمايائون: ٿورو ڏسجو تہ منهنجي قميص جي اندر ڇا آهي؟ ڏٺو ويو تہ هڪ زهريلو ڪيڙو هو جنهن **16** يا **17** هنڌن تي ڪين ڏنگيو هو. سندن جسم پاڪ بہ هنڌان هنڌان سُڄي ويو هو. ماڻهن عرض ڪيو: جڏهن هن پهريون ڀيرو ڏنگ هنيو هو تہ توهان ان وقت ئي نماز کان ٻاهر ڇو نہ ٿيا؟ فرمايائون: مون هڪ سورت شروع ڪري رکي هئي، دل چاهيو تہ

اها پوري ٿي وجي (تہ پوءِ سلام ڦيرايان).[(1)]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور تہ ڪريو! ڇا تہ شان آهي، زهريلو ڪيڙو ڏنگ هڻي رهيو آهي، تڪليف ٿي رهي آهي، جسم سُڄي رهيو آهي پر امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عاشقِ نماز بہ هئا، عاشقِ قرآن بہ هئا، تڪليف برداشت ڪندا رهيا پر نماز ۽ تلاوت موقوف ڪرڻ گوارا نہ ڪيائون.

ڪاش! اسان کي بہ امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو فيضان نصيب ٿي وڃي، باقي اسان جو حال تہ ٻڌائڻ جوڳو ئي نہ آهي، افسوس! اسان جي نماز ۾ دل ئي نہ ٿي لڳي، اول تہ ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد آهي جيڪي نماز پڙهندا ئي نہ آهن، توهان ان مان ئي اندازو لڳايو! عيد جي نماز ۾ مسجد جي رونق جو آخري اجتماع هوندو آهي، ظهر جي وقت نمازي ڳوليا بہ نہ لڀندا آهن، سڄو سال غائب رهندا آهن، وري ايندڙ سال **رمضان شريف** ۾ مسجد جو رخ ڪندا آهن. بس الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. يقين ڪريو! نماز نہ پڙهڻ ايڏو وڏو گناهہ آهي، ايڏو وڏو گناهہ آهي جنهن جي سنگيني جو اسان اندازو بہ نہ ٿا لڳائي سگهون.

# بي نمازي جي مذمت

الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ

ترجموڪنزالعرفان: جن نمازون ضايع ڪيون ۽ پنهنجي

1…تاريخِ بغداد،رقم:424، محمد بن اسماعيل...البخارى، جلد:2، صفحہ:13۔

| | |
|---|---|
| فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ﴿۵۹﴾ (پارو: 16، سورة مريم: 59) | خواهشن جي پنيان لڳا سو عنقريب جهنم جي خوفناڪ وادي غَيّ سان وجي ملندا. |

اللّٰهُ اڪبر! معلوم ٿيو تہ جيڪو نمازون ڇڏيندو آهي، انهن کي ضايع ڪندو آهي ۽ نفساني خواهشن جي پويان هلندو آهي، ان جي سزا جهنم جي **غيّ** نالي خطرناڪ ترين وادي آهي. اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظ...!!

❁ **پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن جي نماز نہ آهي، ان جو اسلام ۾ ڪو حصو نہ آهي.(1) ❁ **هڪ حديث پاڪ ۾ آهي:** جيڪو جاڻي واڻي هڪ نماز ڇڏي ڏيندو آهي، ان جو نالو جهنم جي ان دروازي تي لکيو ويندو آهي جنهن مان هُو جهنم ۾ داخل ٿيندو.(2) ❁ **روايت آهي:** اللّٰه پاڪ پنهنجي نبي حضرت داؤد عليه السلام ڏانهن وحي فرمائي: اي داؤد! بني اسرائيل کي چئو! جنهن هڪ نماز بہ ڇڏي ڏني، قيامت جي ڏينهن مان ان تي غضب فرمائيندس.(3)

| | |
|---|---|
| پڑھتے رہو نماز تو جنّت میں جاؤ گے | چھوڑو گے گر نماز جہنّم میں جاؤ گے |

1…مسندِ بزّار ،جلد:15 ،صفحہ:176،حديث:8539۔

2…حلية الاولياء،جلد:7 ،صفحہ:299 ،حديث:10590۔

3…الزہر الفائح ،آفات الغفلة، صفحہ:27۔

# نماز ڪنهن به صورت ۾ معاف نہ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان بہ وڏا عجيب ماڻهو آهيون ۞ عيد اچي وڃي تہ نمازن ۾ سستي ڪري ڇڏيندا آهيون ۞ گھر ۾ ڪو ننڍو وڏو فنڪشن هوندو آهي تہ نمازون قضا ٿي وينديون آهن ۞ اڄڪلهہ تہ معاذ الله! حالت اهڙي ٿي وئي آهي جو گھر ۾ فوتگي ٿي وڃي تہ ماڻهو نمازون قضا ڪري ڇڏيندا آهن ۞ ميت کي غسل ڏيڻ ۾ مصروف هئس ۞ ڪفن خريد ڪرڻ ۽ سِبرائڻ ۾ مشغول هئس ۞ قبر کوٽائڻي هئي ۞ جنازي ۾ دير ٿي رهي هئي، ان ڪري نماز نہ پڙهي، جماعت هلي وئي، پر ويجهو ۽ پري کان جيڪي مهمان آيل هوندا آهن، اهي بہ فارغ ويٺي ويٺي نماز جو وقت گذاري ڇڏيندا آهن. جيتوڻيڪ فوتگي تي آيا آهن، جنازو پڙهي آيا آهن، هاڻي هاڻي پنهنجن هٿن سان ميت کي قبر ۾ لاهي آيا آهن، ان جي باوجود بہ دل تان پردا نہ هٽيا آهن. يقين ڪيو! ڪيڏي بي حسيءَ جي ڳالهہ آهي.

پنجين سيپاري ۾، سورت نساء جي آيت: **102** ۾ نمازِ خوف جو طريقو بيان ٿيو آهي، هڪ دفعي پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن غزوي ۾ شريڪ هئا، جتي ڪافرن سان لڙائي هلي رهي هئي، ان دوران نمازِ عصر جو وقت ٿي ويو، هاڻي نماز ڪيئن پڙهڻي آهي؟ يعني عين جنگ جي حالت ۾ غير مسلمن جو لشڪر سامهون موجود آهي، جنگ جي دوران نماز ڪيئن پڙهنداسين؟ ان جو طريقو سورة نساء، آيت: **102** ۾ ارشاد ٿيو. ان کان پوءِ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِیْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿۱۰۳﴾ | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ نماز مسلمانن تي مقرر ڪيل وقت ۾ فرض آهي. |

الله اڪبر! ٻنهي جهانن جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سيني امتن ۾ افضل ترين امت جا افضل ترين ماڻهو يعني صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم انهن کي عين جنگ جي حالت ۾ به نماز دير ڪري پڙهڻ جي اجازت نه ملي، پر جنگ جي ميدان ۾ به نماز پڙهڻ بلڪ جماعت قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ هڪ اسان آهيون ...!! مَعَاذَ الله! خوامخواهه به نمازون قضا ڪري ڇڏيندا آهيون. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي.

گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا
بے عمل! بے انتہا گھبرائے گا
کام مال و زر نہیں کچھ آئے گا
غافل انساں یاد رکھ پچھتائے گا
سانپ بچھّو قبر میں گر آگئے!
کیا کرے گا بے عمل گر چھا گئے!

# نماز جي آدابن جو خيال رکو!

خير! مان عرض ڪري رهيو هئس، هڪ ته نماز پڙهڻ وارا تمام ٿورا آهن ۽ جيڪي پڙهڻ وارا آهن، انهن ۾ به هڪ تعداد اهڙن جو آهي جيڪي نماز جي آدابن جو خيال نه ڪندا آهن ۞ بي توجهي سان نماز پڙهڻ ۞ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهڻ ۞ بار بار گنهَندورهڻ ۞ ڪڏهن وارن، ڪڏهن ڪپڙن ۽ ڪڏهن ڏاڙهي وغيره سان ڪيڏندو رهڻ، نه چاڻ کهڙيون کهڙيون حرڪتون ڪندا

رهندا آهن. يقيناً اِهو انداز بارگاهِ الٰهي جي آداب جي خلاف آهي، جڏهن ٻانهو پنهنجي مالڪ جي اڳيان بيهي، ته ڪيس گهرجي ته مڪمل پرسڪون رهي، دل جي ڪيفيت کان وٺي ظاهري بدن جي عضون تائين مڪمل عاجزي جو پيڪر بڻجي انتهائي ادب سان بيٺو رهي.

## نماز ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سان رحمت جو موٽي وڃڻ

حضرت ابوذر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا: رسولِ انور، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ جي رحمت نمازي جي طرف متوجهه رهندي آهي جيستائين هو هيڏانهن هوڏانهن نه ڏسي، جڏهن هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو آهي ته اللّٰه پاڪ جي رحمت به ان کان ڦِري ويندي آهي. (1)

## منهنجي طرف متوجهه ٿي وڃ!

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته ٻنهي جهانن جي سرور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن ٻانهو نماز جي لاءِ بيهندو آهي ته اُهو اللّٰه پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندو آهي، جڏهن هُو هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو آهي ته اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائيندو آهي: تون ڪنهن جي طرف ڏسي رهيو آهين؟ ڇا مون کان بهتر ڪو ٻيو

1…ابو داود، کتاب الصلاة، باب الالتفات فی الصلاة، صفحہ:153، حدیث:909۔

نظر اچي رهيو آهي؟ اي ابن آدم (يعني اي انسان!) منهنجي طرف متوجهه ٿي وڃ! مان ان کان بهتر آهيان، جنهن جي طرف تون ڏسي رهيو آهين.(1)

## نماز ۾ جلدي ڪرڻ جا نقصان

خادمِ نبي، حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو نمازون پنهنجي وقت ۾ ادا ڪري ۽ نماز جي لاءِ چڱي طرح وضو ڪري ۽ ان جي قيام، خشوع، رڪوع ۽ سجدن (يعني سجدي) کي پورو ڪري تہ ان جي نماز سفيد ۽ روشن ٿي ھي چوندي نڪرندي آهي تہ: الله پاڪ تنهنجي حفاظت فرمائي جيئن تو منهنجي حفاظت ڪئي ۽ جيڪو شخص نماز بي وقت ادا ڪري ۽ ان جي لاءِ مڪمل (يعني چڱي طرح) وضو نہ ڪري ۽ ان جي خشوع، رڪوع ۽ سجدن کي پورو نہ ڪري تہ اها نماز ڪاري ۽ اونداهي ٿي ھي چوندي نڪرندي آهي تہ: الله پاڪ توکي ضايع ڪري جيئن تو مون کي ضايع ڪيو. ايتريقدر جو الله پاڪ جتي چاهيندو آهي اها (نماز) اتي پهچي ويندي آهي، پوءِ اها بوسيده (يعني ڦاٽل ۽ پراڻي) ڪپڙي وانگر ويڙهي ان نمازي جي منهن تي هنئي ويندي آهي.(2)

اللهُ اڪبر! اللهُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! اسان وٽ

---

1 مسند بزار ، جلد:16، صفحہ:200، حديث:9333۔

2 معجم اوسط ، جلد:2، صفحہ:227، حديث:3095۔

جهڙيون حالتون آهن، دنيا ۾ مصروفيت ايتري وَڌِي وئي آهي جو نماز جو فڪر ئي نہ رهيو آهي ...!! جيڪي نماز پڙهندا آهن، انهن ۾ بہ ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي ڊوڙندا ڊوڙندا مسجد ۾ پهچندا آهن، جيئن تيئن ڪري وضو ڪيائون، ائين ئي وضو جا قطرا مسجد ۾ ٽپڪي رهيا هوندا آهن، سندن قميص جون ٻانهون ڳُونين تائين مٿي چڙهيل هونديون آهن، جلدي جلدي آيا، نماز شروع ڪري ڏنائون، هاڻي نماز ۾ پڙهڻ جي لاءِ سورت تہ اسان کي هڪ ئي اينديي آهي، سورة اخلاص... ان ڪان علاوه ٻيون سورتون ياد ڪرڻ جو ذهن ئي نہ هوندو آهي .... بس سڀئي رڪعتون انهيءَ هڪ ئي سورت سان جلدي جلدي پڙهيون، رڪوع پورو ٿيو يا نہ، سجدو پورو ٿيو يا نہ، رڪوع مان اجان سڌو ٿي بيٺا بہ نہ هئا تہ سجدي جي لاءِ جهڪڻ شروع ڪيائون، پهرين سجدي مان اٿي سڌو ٿي ويٺا بہ نہ هئا تہ ٻئي سجدي ۾ پهچي ويا... اهڙي طرح جلدي جلدي جيئن تيئن نماز پڙهندا آهن ۽ هليا ويندا آهن ....!! هي اسان جي نمازن جو انداز آهي ۽ اسان حديث پاڪ ٻڌي، جيڪو شخص نماز جي رڪوع ۽ سجدن کي پورو نہ ڪندو آهي، تہ نماز چوندي آهي: جيئن تو مون کي ضايع ڪيو، الله پاڪ توکي بہ ضايع ڪري.

الله جي پناهہ! الله جي پناهہ ...!! پيارا اسلامي ڀائرو! غور تہ ڪريو! اسان جي نماز، اها عظيم الشان عبادت جنهن کي اسان جي ڪردار کي سنوارڻو هو، جنهن کي اسان کي گناهن جي گندگيءَ کان پاڪ ڪرڻو هو، جنهن کي اسان کي برائي ۽ بي حيائيءَ کان بچائڻو هو، جڏهن اها نماز ئي اسان جي ضايع ٿيڻ جون دعائون ڪري رهي هجي تہ پوءِ ٻڌايو اسان وٽ باقي ڇا وڃي بچندو...؟

اسان سٽري ڪيئن سگھنداسين؟ اسان جون حالتون ڪيئن بدلجنديون؟ روزي ۾ برڪت ڪٿان ايندي؟ بيمارين کان حفاظت ڪيئن ٿي سگھندي...؟ هيءَ تہ دنيا جي ڳالھ آهي، اهڙيون نمازون کڻي اسان اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ ڪيئن حاضري ڏينداسين ...؟

تنهنڪري منهنجا پيارا اسلامي ڀائرو! نماز هڪ اهم ترين عبادت آهي، ان جي لاءِ باقاعدي وقت ڪيو! نماز پوري اهتمام سان پڙهندا ڪريو! پوري اطمينان سان، سنتن ۽ مستحبات جو خيال رکندي وضو ڪريو! پوءِ وڏي سليقي ۽ وقار سان، دل ۾ عاجزي رکي، خوفِ خدا کان لرزندي مسجد ۾ اچي صف ۾ بيھو! پوءِ پوري توجھ ۽ مڪمل اطمينان سان نماز پڙھو! توهان ڏسندؤ تہ، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪجھ ئي ڏينهن ۾ دل جي ڪاراڻ دور ٿيڻ شروع ٿي ويندي، ۽ دل ۾ نور پرجڻ شروع ٿي ويندو، پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اُهي برڪتون نصيب ٿينديون جو دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي.

## اطمينان سان نماز پڙهڻ جي فضيلت

حديث پاڪ ٻڌو! حضرت عباده بن صامت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو شخص چڱي طرح وضو ڪري، پوءِ نماز جي لاءِ بيهي، ان جي رڪوع، سجدن ۽ قراءت کي مڪمل ڪري تہ نماز چوندي آهي: اللہ پاڪ تنهنجي حفاظت ڪري جيئن تو منهنجي حفاظت ڪئي. پوءِ ان نماز کي آسمانن ڏانهن کنيو ويندو آهي ۽ ان لاءِ چمڪ ۽ نور هوندو آهي، ان جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن، ايتريقدر جو ان کي اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ پيش ڪيو

ويندو آهي ۽ اها نماز ان نمازي جي شفاعت ڪندي آهي.(1)

ہوں میری ٹوٹی پھوٹی نمازیں خُدا قبول

اُن دو کا صدقہ جن کو کہا شہ نے میرے پھول

**وضاحت:** يعني امام حسن ۽ حسين رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جن کي سرڪار عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رَيْحَانَتَيَّ يعني منهنجا گُلَ فرمايو آهي، اي الله پاڪ! انهن جي صدقي منهنجون منهنجون هي ٽٽل ڦٽل نمازون قبول فرماءِ.

الله پاڪ اسان کي سمجهه عطا فرمائي. نماز پڙهو! ضرور پڙهو! وقت ڪِري پڙهو! پوري اهتمام سان پڙهو! رب جي محبت کي دل ۾ سانديي، اِهو تصور ڪري پڙهو ته الله پاڪ ڏسي رهيو آهي! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي وينديون.

| | |
|---|---|
| نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ | رب سے دلوائے گی تم کو جنت نَماز |
| بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے | آپ پڑھتے رہیں باجماعت نَماز |
| آؤ مسجد میں جُھک جاؤ رب کے حُضُور | تم کو دلوائے گی حق سے رِفعَت نَماز (2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…شُعَبُ الْاِيْمَان ، جلد:3، صفحه:144، حديث:3140۔

2…وسائلِ فردوس ،صفحه:22 ملتقطًا۔

# دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: آئي ٽِي ڊپارٽمنٽ

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! آئي ٽي ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي پنهنجون خدمتون سَرانجام ڏئي رهي آهي. ان سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جو باقاعدي هڪ شعبو **آئي ٽي ڊپارٽمينٽ** جي نالي سان موجود آهي. جتي ان شعبي جا پروفيشنل حضرات مختلف ويب سائيٽس ۽ ايپلي ڪيشنز جي ذريعي علمِ دين عام ڪرڻ ۾ مصروف آهن.

هن شعبي جي تحت هن وقت تائين **40** ويب سائيٽون ۞ **32** موبائيل ايپلي ڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهن، هڪ ايپلي ڪيشن دعوت اسلامي ڊجيٽل سروسز ***Dawateislami Digital Services*** به آهي، جنهن جي ذريعي توهان دعوتِ اسلامي جي سيني سوشل ميڊيا پليٽ فارمز ۽ ويب سائيٽس کي استعمال ڪري سگهو ٿا.

# ليلة الجائزه (چنڊ رات) ۾ عبادت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جتي اسان کي رمضان شريف ۾ لَيلَةُ القَدر جهڙي عظيم رات عطا ڪئي آهي اتي ئي هن مبارڪ مهيني کان فوراً بعد ليلة الجائِزه يعني انعام جي رات سان به نوازيو آهي. (عيدالفطر جي رات يعني چنڊ رات کي ” ليلة الجائِزه“ چيو وڃي ٿو.) ۞ هيءَ رات الله پاڪ جي رحمتن ۞ ۽ مغفرتن جي رات آهي

❁ جيڪو شخص هن رات ۾ الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي الله پاڪ ان جي لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏيندو آهي.[(1)]

۞ تمام عاشقانِ رسول خاص طور تي اعتڪاف ڪرڻ وارن ڪي گهرجي تہ هيءَ رات مسجدن ۾ الله پاڪ جي عبادت ۾ گذارين ڇوتہ حضرت ابراهيم نخعي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: بزرگانِ دين رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم اعتڪاف ڪرڻ وارن جي لاءِ هن ڳالهہ کي پسند فرمائيندا هئا تہ عيد الفطر جي رات مسجد ۾ ئي گذارين.[(2)]

## عيد جي 6 روزن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! رمضان شريف کان پوءِ شوال شريف جي آمد ٿيندي آهي. خوشنصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيد الفطر کان پوءِ **6** روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ شوال ۾ **6** ڏينهن روزا رکيا اُهو گناهن کان ائين پاڪ ٿي ويو جڻ اج ئي پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[(3)] ❁ خليلِ ملت مفتي محمد خليل خان برڪاتي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: اِهي روزا عيد کان پوءِ مسلسل رکيا وڃن تڏهن بہ ڪو حرج نہ آهي، پر بهتر هي آهي تہ هر هفتي **2** روزا رکيا وڃن ۽ عيد جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکيو وڃي ۽

---

1…الترغيب و الترهيب، كتاب العيدين، الترغيب فى احياء ليلتى العيدين، صفحہ:373، حديث:2۔

2… فيضان رمضان،صفحہ:279، 280۔

3… مجمع الزوائد، كتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحہ:322، حديث:5102۔

جيڪڏهن سڄي مهيني ۾ رکيا وڃن تہ اجان وڌيڪ مناسب آهي.[(1)]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# چنڊ رات تي قافلن ۾ سفر جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلِلّٰه! هر سال اعتڪاف جي سعادت ماڻيندڙ خوش نصيب اسلامي ڀائر ۽ ٻيا عاشقانِ رسول هڪ وڏي تعداد ۾ پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش واري مقدس جذبي سان سرشار ٿي هن رات قافلن ۾ سفر ڪندا آهن. اوهان بہ چنڊ واري رات کان قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون. ۞ قافلي ۾ فرض عِلمِ دِين سيکاريو ويندو آهي ۞ سنتون سيکاريون ويندون آهن ۞ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ قافلي جي برڪت سان دعائون قبول ٿيڻ، مشڪلاتون ٽرڻ ۽ بيمارين کان شفا ملڻ جا پڻ سوين واقعا آهن. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1… سنی بہشتی زیور، صفحہ:347۔

# ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ليلة الجائزه يعني چنڊ رات مدني چينل تي خصوصي مدني مذاڪري جو سلسلو ٿيندو. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به دعوت ڏين ۞ شيخ طريقت، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ يا خليفۀ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **رمضان جون عبادتون ڪيئن قبول ٿين؟** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله جي رِضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان شيئر (*Share*) ڪريو! ۞ **الو د اع ماهِ رمضان** پڙهڻ جائز آهي يا نه؟ ان بابت مڪتبة المدينہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ناياب فتاويٰ ۽ ٻين علماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي فتوائن تي مشتمل زبردست رسالو **الوداع ماهِ رمضان** شايع ڪيو آهي. هي رسالو مڪتبة المدينہ تان **12 روپين** ۾ خريد ڪري سگهجي ٿو ۞ اهڙي طرح عيد ڪيئن گذارجي ۽ ان ۾ ڪهڙا اعمال ڪيا وڃن ان حوالي سان به هڪ رسالو **مِٺي عيد ۽ مٺيون ڳالهيون** شايع ڪيو ويو آهي. هي رسالو به **15 روپين** ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان خريد ڪري سگهجي ٿو.

آئنده هفتيوار اجتماع خميس جي ڏينهن ٿيندو ۞ عيد الفطر جي پهرين ڏينهن کان فيضانِ مدينہ فيصل آباد ۾ پهرين شوال کان 7

شوال تائين، ستن ڏينهن جو ”تصوف ڪورس“ ٿيندو. هي ڪورس رڪنِ شوريٰ ۽ نگرانِ پاڪستان مشاورت، حاجي محمد شاهد عطاري ڪرائيندا. سمورا اسلامي ڀائر هن ڪورس ۾ شرڪت فرمائين

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ أَحَبَّنِي وَمَنْ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينه تيری سُنّت کا مدينه بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# معانقو ڪرڻ سنت آهي

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جو ڪو ڀاءُ هجي، ان کي گهرجي پنهنجي ڀاءُ سان معانقو ڪري.[2]

اي عاشقان رسول! ڳلي (ڀاڪُر پائي) ملڻ کي معانقو ڪرڻ چئبو آهي ۽ معانقو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي۞ مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۾ آهي: خوشي ۾ ڪنهن سان ڳلي ملڻ سنت آهي.[3] پيارا آقا، مڪي

1…مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

2…كَنزُ الْعُمَّال، كتاب: الفضائل، جلد:7، جز:13، صفحہ:26، حديث:36235۔

3…مرآة المناجيح، جلد:6، صفحہ:359۔

مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيترائي پيرا صحابہ کرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم تي شفقت فرمائيندي انهن کي معانقي جو شرف بخشيندا هئا. مثال طور ۞ خيبر جي موقعي تي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت جعفر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي سيني سان لڳايو ۽ کين پيشانيءَ تي چُمي بہ ڏنائون (1) ۞ هک ڀيري پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي گهرايو، جڏهن اهي حاضر ٿيا تہ شفقت فرمائيندي، کين ڳلي سان لڳايائون. (2)

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جو شايع ٿيل کتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هک بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفیٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (3)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

---

1…ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:813، حديث:5220۔

2…ابو داؤد، كتاب:الادب، باب: قبلة ما بين العينين،صفحہ:812، حديث:5214خلاصۃً۔

3…وسائل بخشش، صفحہ:669۔